# اُهي اسان مان ناهن

**16-NOVEMBER-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

16 نومبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اُهي اسان مان ناهن

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جون نراليون ادائون

✿... اُهي اسان مان ناهن...!

✿... جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو

✿... مسلمان کي دوکو ڏيڻ وارو اسان مان ناهي

پيشڪش
اَلۡمَدِيۡنَۃُ الۡعِلۡمِيۡہ
Islamic Research Center
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اُهي اسان مان ناهن

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : قيامت جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جي عرش کان سِواءِ ڪو سايو نه هوندو، ٽي شخص اللّٰه پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا :(1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتي جي پريشاني پري ڪري :(2) منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو :(3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو. (البدور السافرة، صفحه:169-170، حديث:364۔)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيٹھتے اٹھتے، جاگتے سوتے | ہو الٰہی مرا شِعار درود[1]

**وضاحت:** ياالله پاڪ! اهڙي توفيق عطا فرماءِ جو ويهندي، اُٿندي، سمهندي،

1...ذوقِ نعت، صفحه:124۔

جاڳندي بَس هر وقت درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت ٻڻجي وڃي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيّت اَفضل تَرين عَمَل آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهرين سٺين سٺين نيّتن جي عادت ٺاهيو جو سٺي نيّت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪري ڇڏيو! مثلاً نيت ڪيو! *عِلمِ دين سکڻ لاءِ پورو بيان ٻڌندس * ادب سان ويهندس* پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس* جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن رستي کان گذريا، اسان به ساڻ هئاسين، رستي ۾ هڪ هنڌ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ بلند عمارت ڏٺي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: هي ڇا آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: هي فلاڻي صحابي نهرائي آهي. عابد و زاهد نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اها ڳالهه ناگوار گذري پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو

---

1... جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

اظهار نہ فرمايو. بعد ۾ جڏهن اهو صحابي سڳورو رَضِیَ اللہ عَنْہُ بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو، سلام عرض ڪيائين تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ان کان منهن ڦيري ڇڏيو، ان پيهر سلام عرض ڪيو، پاڻ سڳورن وري منهن مبارڪ ڦيرائي ڇڏيو، ڪجھ ڀيرا ايئن ئي ٿيو تہ (اهو صحابي پريشان ٿي ويو) صحابہ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضۡوَان کان پڇيائون (تہ آخر حضور انور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مون کان ناراضگي جو ڇا سبب آهي؟) صحابہ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضۡوَان سڄو معاملو ٻڌايو (تہ رسول اللّٰہ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم توهان جي گهر جي پرسان لنگهيا هئا، توهان جي بلند عمارت ڏٺائون، شايد ناراضگي جو سبب اهو ئي ٿي سگهي ٿو). صرف ايترو ٻڌڻو هيو اهو صحابي رَضِیَ اللہ عَنۡہُ فوراً گهر ويو ۽ پنهنجي اُن اوچي عمارت کي ڪيرائي بلڪل پَٽ ڪري ڇڏيائين (يعني صرف مٿاهين منزلون ڪيرائي جڳهہ کي هيٺ نہ ڪيو بلڪ جڳهہ پوري ئي ڪيرائي ڇڏي). پوءِ هڪ ڏينهن پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو اتان کان گذر ٿيو تہ ڪيس اها عمارت نظر نہ آئي، فرمايائون: اها عمارت ڪيڏانهن وئي؟ عرض ڪيو ويو: اُن صحابي رَضِیَ اللہ عَنۡہُ اوهان جي ناراضگي جي ڊپ کان عمارت ڊاهي پَٽ ڪري ڇڏي. اُن تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻُڌي ڇڏيو! بيشڪ هر عمارت ان جي مالڪ جي لاءِ وبال آهي البتہ جيڪا ضرورت جي لاءِ ٺهرائي وئي هجي. (ابو داؤد ،کتاب الادب،باب ما جاء فی البناء،صفحہ:815،حديث:5237 ملتقطاً۔)

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأُمت مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: حديث شريف ۾ لفظ وبال مان مراد جيڪڏهن گناهہ آهي تہ مطلب اهو ٿيندو تہ هر اها عمارت جيڪا بنا ضرورت صرف فخر ۽ تڪبر جي لاءِ ٺهرائي وڃي تہ اهو عمل ناجائز آهي، فخر ۽ تڪبر وارو هر ڪم حرام آهي. ۽ جيڪڏهن هتي لفظ وبال مان مراد آخرت جو بوجھ آهي تہ هر اها عمارت ان ۾ داخل آهي جيڪا بنا ضرورت جي ٺاهي وئي هجي.

مطلب تہ دنياوي ضرورت (مثلاً رهڻ، ڪاروبار ڪرڻ وغيره) جي لاءِ عمارت ناهڻ مباح(يعني جائز) آهي ۽ ديني ضرورت(مثلاً مسجد، مدرسي وغيره) جي لاءِ عمارت ناهڻ ثواب جو ڪم آهي. ان کان علاوه جيڪا عمارت محض نمائش جي لاءِ، فخر ۽ غرور جي لاءِ ٺاهي وڃي، اها ٺاهڻ واري جي لاءِ قيامت جي ڏينهن وبال ٿيندي.( مرآة المناجيح،جلد:7،صفحہ:22 ملتقطًا۔)

## صحابہ ڪرام جون نراليون ادائون

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ جي روشني ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان جي عشق جو انداز ڏسو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اوچي عمارت ڏٺي، ان کي پسند نہ فرمايو، اُن تي پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اِهو بہ نہ فرمايو تہ هيءَ عمارت ٺاهڻ جائز نہ آهي، اُن صحابي کي عمارت ڪيرائڻ جو حڪم بہ نہ ڏنائون بلڪ صرف ناراضگي جو اظهار ئي فرمايائون، اُن صحابي رَضِیَ الله عَنۡهُ کي صرف اندازو ئي ٿيو تہ شايد پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب اها عمارت هوندي، بس اُن ڪري تہ اها عمارت منهنجي ۽ منهنجي محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ ۾ اوٽ بڻجي وئي آهي، تنهنڪري سڄي عمارت ئي ڪي ڊاهي پَٽ ڪري ڇڏيو، اهو بہ نہ سوچيائون تہ پاڻ سڳورن کي صرف اوچائي ئي بُري لڳي هوندي، تنهنڪري صرف مٿيون ڪجھ منزلون ڪيرائي ڇڏيان ٿو، نہ...!! نہ...!! جيڪا شيءِ محبوب جي ناراضگي جو سبب بڻجي رهي هئي، اُن کي پاڙان ختم ڪري ڇڏيو، سڄي جو سڄي عمارت ئي ڪيرائي ڇڏي. اهو بہ نہ سوچيائون تہ مون ايترو پيسو خرچ ڪري عمارت تيار ڪئي آهي، اهو برباد ٿي ويندو، صرف اهو ڏٺائون تہ محبوب ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم هن سبب ناراض آهن، لهٰذا سڄي عمارت ڪيرائي پَٽ ڪري ڇڏيائون. ڇو؟ صرف و صرف محبوبِ خُدا، مڪي مدني مصطفيٰ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي لاءِ.

سُبْحٰنَ الله! ان کي چوندا آهن سچو عاشق...!!

کروں تیرے نام پہ جاں فِدا، نہ بس ایک جاں، دوجہاں فِدا
دوجہاں سے بھی نہیں جی بھرا، کروں کیا کروڑوں جہاں نہیں[1]

اي عاشقانِ رسول! هي صرف هڪ واقعو ناهي، صحابہ ڪرام جي زندگي ۾ اهڙا ويهارو واقعا موجود آهن، جن مان خبر پئي ٿي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي کان ڏڄندا هئا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي خاطر جان و مال ۽ اولاد سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار هوندا هئا. هن ۾ اسان جي لاءِ سبق آهي، هر اها ڳالهہ، هر اهو ڪم، هر اهو نظريو، هر اهو انداز، هر اها عادت جيڪا رسول خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب بڻجي رهي هجي، هڪ مسلمان جو شان اهو ئي آهي تہ اُن ڳالهہ کي، اُن ڪم ۽ اُن عادت کي يڪدم ڇڏي ڪري پنهنجي آقا و موليٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جي فڪر ۾ لڳي وڃي چوتہ

جنابِ مصطفیٰ ہوں جس سے ناخُوش
نہیں ممکن کہ ہو اس سے خُدا خُوش

## الله ۽ رسول کي راضي ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً ڪامياب اهو ئي آهي جيڪو الله پاڪ ۽ ان

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:109۔

جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اصل ۾ ناڪام اهو ٿي آهي، جيڪو الله ۽ رسول کي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويجي. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ یُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِیْنَ﴿۶۲﴾

ترجموڪنزالعرفان: حالانڪ الله ۽ ان جو رسول هن ڳالھ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ ماڻهن انهن کي راضي ڪن. (پاره:10، التوبة:62)

يقين مڃو! وڏي نقصان ۾ آهي اهو ٻانهو جنهن کان شفاعت فرمائڻ وارا آقا مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاتعلقي جو اظهار فرمائن. اُن جي دنيا بہ برباد آهي، آخرت بہ برباد آهي. انهي ڪري اسان تي لازم آهي تہ پنهنجي زندگي جي هڪ هڪ گهڙي، هر ڏينهن، هر رات، هر منٽ هر ڪلاڪ الله ۽ رسول جي رضا وارن ڪمن ۾ گذاريون ۽ هر اهو ڪم جنهن سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيزاري جو اظهار فرمايو آهي، ان کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيون.

## اهي اسان مان ناهن

ڪيترن ئي حديثن ۾ اهڙي قسم جا ارشاد موجود آهن تہ جيڪو ٻانهو فلاڻو ڪم ڪري يا فلاڻو ڪم نہ ڪري لَيۡس مِنَّا اهي اسان مان نہ آهن. يعني اهي اسان جي طريقي تي ناهن، اسان جي پيارن مان ناهن يا اسان اُنهن کان بيزار آهيون. اچو! هن مضمون جون حديثون پڙهون ٿا ۽ نيت ڪيون ٿا تہ اهڙن ڪمن کان بچنداسين ۽ الله ۽ رسول کي راضي ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين.

# (1) خوش الحاني سان قرآن نہ پڙهڻ

سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ❀ لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَتَغَنَّ بِالْقُرْآنِ يعني جيڪو خوش الحاني سان قرآن نہ پڙهي، اهو اسان مان ناهي. (بخاری،کتاب التوحید،باب قول اللہ تعالیٰ و اسروا قولکم...الخ،صفحہ:1815،حدیث:7527)

الحاج مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث شريف جي شرح ۾ لکن ٿا: يَتَغَنَّ جي معنيٰ آهي: خوش الحاني ۽ چڱي لهجي سان پڙهڻ. هن مان معلوم ٿيو، بُري آواز وارو بہ وس آهر عمدگي سان قرآن شريف پڙهي جو خوش آوازي قرآن ڪريم جو زيور آهي. هڪ هنڌ مفتي صاحب لکيو آهي: هڪ ئي شخص پنهنجو آواز بُرو بہ ڪدي سگهي ٿو ۽ ڪجهہ چڱو بہ، مطلب هيءُ آهي تہ جيڪو ٻانهو جيترو سٺي آواز سان تلاوت ڪري سگهي ٿو، اوتري سٺي آواز سان تلاوت ڪري، اِهو مطلب ناهي تہ جنهن جو چڱو آواز ناهي اهو تلاوت ئي نہ ڪري.(مرآۃ المناجیح،جلد:3 ،صفحہ:266-274 ملتقطًا)

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ تہ اهو ارشاد ٿيو آهي تہ جيڪو چڱي آواز سان، چڱي لهجي سان قرآن ڪريم جي تلاوت نہ ڪري، اهو اسان مان ناهي. پر اڄڪلهہ غور ڪيو، اسان تہ هن ڪان بہ هڪ قدم پوئتي آهيون، پڇڻ يا هٿ مٿي ڪرائڻ مناسب ناهي، اسان مان هر شخص پاڻ ئي غور ڪري تہ اسان قرآن ڪريم جي ڪيتري تلاوت ڪيون ٿا؟

افسوس! افسوس! مهينن جا مهينا گذري ويندا آهن قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، ان جي زيارت ڪرڻ جي بہ توفيق ناهي ملندي...!! ڪاش! اسان قرآن ڪريم جي، اللّٰه پاڪ جي هن پاڪيزه ڪلام جي قدر ڪيون، اللّٰه پاڪ اسان کي اکيون ڏنيون آهن، زبان ڏني آهي، آواز عطا فرمايو آهي. انهن اکين سان

قرآن ڪريم جي زيارت ڪيون، ان زبان ڪان الله پاڪ جي پاڪيزه ڪلام جي تلاوت ڪيون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ سُڪون *(Peace of Mind)* اچي ويندو، الله پاڪ چاهيو تہ سينو قرآن جي نور ڪان روشن ٿيندو، دنيا بہ سنورجي ويندي، آخرت بہ سنورجي ويندي.

## ڪاش! هي آواز تلاوت ۾ استعمال ٿي ها

روايت ۾ اچي ٿو: هڪ ڀيري صحابي حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما ڪٿان گذري رهيا هئا، ڏٺائون تہ هڪ ڳائڻو نهايت سُريلي آواز سان ڳائي رهيو هو، پاڻ فرمايائون: ڪاش! اِهو آواز قرآن شريف جي تلاوت جي لاءِ استعمال ٿي ها. ايترو چئي ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما تشريف کڻي ويا. بعد ۾ جڏهن ان ڳائڻي کي خبر پئي تہ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما هتان ڪان لنگهيا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما هيءَ ڳالهہ چئي ويا آهن، ان کي تمام گهڻي شرمندگي ٿي، سندن پيارو جملو ان جي دل تي لهي ويو، ان فوراً سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما سان گڏ رهڻ لڳا، ڪجهہ ئي عرصي ۾ قرآن ڪريم جا عالم ۽ قاري بڻجي ويا. (مرآۃ المناجیح،جلد:3 ،صفحہ:270 بتغیر قلیل۔)

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تِلاوت کرنا میرا کام صبح و شام ہو جائے

الله پاڪ اسان کي بہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت جي توفيق نصيب فرمائي، اسان تلاوت قرآن ڪيون، چڱي آواز سان ڪيون، الله پاڪ جهڙو آواز ڏنو آهي، سو ڏنو آهي، جيترو اسان سان ممڪن ٿي سگهي چڱي لهجي ۾ تلاوت ڪيون، باقي! اهو ياد رهي تہ چڱي لهجي ۾ پڙهڻ ان وقت چورائيندو جڏهن

تہ تجويد جي قواعد جو لحاظ رکيو وڃي، سنو پڙهڻ جي ڪوشش ۾ تجويد جي قاعدن جو لحاظ نہ رکڻ درست ناهي.

جيڪڏهن قرآن ڪريم پڙهڻ نٿو اچي تہ سکي وٺو، تجويد سان پڙهڻ نٿو اچي تہ تجويد سکي وٺو. اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت مسجدن ۾، دڪانن تي، آفيسن ۾ مدرسة المدينہ بالغان لڳايا ويندا آهن، اُن ۾ شريڪ ٿيو! جيڪڏهن اوهان وٽ فزيڪلي ڪلاس وٺڻ جو وقت ناهي تہ آن لائن ڪلاس وٺو! اَلحَمۡدُلله! دعوت اسلامي جي تحت آن لائن علمِ دين پڙهڻ پڙهائڻ جو بہ انتظام آهي. آن لائن درس نظامي (يعني عالم ڪورس) بہ ڪرايو ويندو آهي، مختلف شارٽ ڪورس بہ ڪرايا ويندا آهن ۽ صحيح تجويد و قرات سان قرآن ڪريم پڙهڻ بہ سيکاريو ويندو آهي. مختصر وقت جا ڪلاس هوندا آهن، انهن ۾ شرڪت ڪيو! قرآن ڪريم پڙهڻ سکو! شارٽ ڪورسز ڪيو بلڪ درس نظامي (عالم ڪورس) بہ ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡکَرِيۡم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون. الله پاڪ اسان سڀني کي قرآن ڪريم سکڻ، پڙهڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بجاہ خاتِم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) سُنت کان بي رغبتي

رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: فَمَنۡ رَغِبَ عَنۡ سُنَّتِيۡ فَلَيۡسَ مِنِّيۡ يعني جنهن منهنجي سُنت کان بي رغبتي ڪئي، اهو مون مان نہ آهي.

(بخاری،کتاب النکاح،باب الترغيب فی النکاح،صفحہ:1307،حديث:5063۔)

عالم سڳورا هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: مطلب اهو آهي ته جيڪو بانهو ڪنهن سُنت کي بُرو ڄاڻي، اهو اسلام کان خارج آهي ۽ جيڪو بلاعُذر سُنت ڇڏڻ جو عادي هجي اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده ۽ پرهيزگار ماڻهن مان ناهي. (مرآة المناجيح،جلد:1 ،صفحه:151 بتغير قليل۔)

اسان جي مُعاشري جو هڪ ڪمزور پهلو اهو به آهي، اسان وٽ سنتن کان تمام گهٽي دوري آهي، سنتن تي عمل ڪرڻ ته بعد جي ڳالهه آهي، ڪوڙ ماڻهن کي سُنتن جي معلومات ئي نه هوندي آهي؟ پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئن هلندا هئا؟ ويهندا ڪيئن هئا؟ ڪاڏو ڪائڻ جو انداز ڇا هيو؟ آرام ڪيئن فرمائيندا هئا؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون پياريون ادائون ڪهڙيون هيون؟ هن جي معلومات ئي ناهي هوندي. ها! نئون فيشن ڪهڙو هلي رهيو آهي، اهو ضرور معلوم هوندو آهي؟ اجڪلهه مارڪيٽ ۾ موبائل جو نئون ماڊل ڪهڙو آيو آهي؟ ڪار جو ڪهڙو نئون ماڊل ڪهڙو آيو آهي؟ اجڪلهه ڪپڙن ۾ نئون فيشن ڪهڙُو هلي رهيو آهي. نئين ٽيڪنالوجي، دنيا جي هر ڪنڊڪڙڇ جون خبرون، سڀ ڪجهه معلوم هوندو آهي پر افسوس! آمنه جي لال، رسول بيمثال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي معلومات گهٽ هوندي آهي ۽ جن سنتن جي باري ۾ خبر آهي به، ته انهن تي به عمل ناهي ٿي سگهندو، مثلاً ڏاڙهي مبارڪ ئي کي ڏسي وٺو! ڪهڙو مسلمان آهي جنهن کي خبر ناهي ته ڏاڙهي رکڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سُنّت آهي پر ڪو بين کان شرمائيندو آهي، ڪنهن کي نوڪري جي فڪر ستائيندي آهي، ڪو ڪنهن سبب سان ته ڪو ڪجهه وجهه سان سُنت اپنائڻ کان محروم رهجي ويندو آهي. ڪاش! اسان کي سنتن سان محبت نصيب ٿي وڃي.

خدا و مصطفٰے ناراض ہوتے ہیں سنو ان سے | جو داڑھی کو مُنڈاتے ہیں یا مُٹّھی سے گھٹاتے ہیں [1]

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحه:291۔

# سنت تي عمل جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي

امام ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: علامہ هِبةُ الله طَبَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انتقال ٿيو تہ حضرت علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهکيس خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ ساڻس ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. عرض ڪيائين: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: سُنت تي عمل ڪرڻ جي سبب.

(سير اعلام النبلاء،رقم:3788،ہبۃ اللہ بن الحسن بن منصور،جلد:13،صفحہ:270 ملتقطًا۔)

سُبْحٰنَ الله! ڏٺو توهان سُنت تي عمل ڪرڻ مغفرت جو ذريعو بڻجي ويو. يقيناً اهو شخص ڪامياب و ڪامران آهي جيڪو فرائض و واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ رسول ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنتن کي پنهنجي معمول جو حصو بڻائي ڇڏي. (تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي معمولات مان ڪيئي اهڙا ڪم آهن جن کي اگر سُنت جي مطابق ڪيو وڃي تہ اسان ثواب جا حقدار بڻجي سگهون ٿا مثلاً سُنت جي مطابق کائڻ پيئڻ، هلڻ ڦرڻ، سمهڻ جاڳڻ، مسواڪ ڪرڻ، لباس پائڻ، جوتا پائڻ، لاهڻ، تيل لڳائڻ، ننهن ڪٽڻ، گفتگو ڪرڻ وغيره، جيڪڏهن اسان اهي سيئي ڪم سُنت جي مطابق ڪيون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڏينهن رات ۾ هزارين نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

| | |
|---|---|
| تِری سنّتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر | چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے |
| تِرے نام پر ہو قرباں مِری جان، جانِ جاناں | ہو نصیب سَر کٹانا مدنی مدینے والے |

پيارا اسلامي ڀائرو! روزمره جي معمولات جي متعلق سوين سنتون سکڻ جي لاءِ بهار شريعت حِصّو 16 ۽ امير اهل سنت جو رسالو 550 سنتون ۽ آداب

پڙهي ونو! سنتون سکڻ جو هڪ اهم ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے
ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رَبّ کے در پر جھکیں، التجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) مسلمان کي دوکو ڏيڻ وارو اسان مان ناهي

الله پاڪ جي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ غَشَّنَا فَلَيْسَ مِنَّا يعني جنهن اسان کان دوکو ڪيو اهو اسان مان ناهي. (مسلم،کتاب الایمان،باب قول النبی ...الخ،صفحہ:57،حدیث:101۔) يعني جنهن مُسلمانن کي دوکو ڏنو، اهو اسان جي جماعت مان ناهي. (مرآۃ المناجیح،جلد:5 ،صفحہ:254خلاصۃً۔)

اي عاشقانِ رسول! اهو بہ اسان جي معاشري جو هڪ سياهہ پهلو آهي، اڄڪلھ دوکو ايترو تہ عام ٿي ويو آهي جو بس.... الله پاڪ جي پناهہ! دوکو ڏيڻ جا اهڙا تہ انداز اختيار ڪيا وڃن ٿا جو بيان ڪرڻ کان بہ ڊپ ٿو ٿئي. ❁ ڪاروبار ۾ دوکو ❁ ماپ تور ۾ دوکو. ❁ اَصل ٻڌائي ڪري نقل شيون وڪٽيون وينديون آهن. ❁ موبائل جي ذريعي دوکو ڏنو ويندو آهي. ❁ اهڙيون موبائل ايپليڪيشنز موجود آهن، جن جي ذريعي دوکو ڏنو ويندو آهي ❁ ڪوڙيون ڪهاڻيون ٻڌائي ڪري. ❁ پنهنجي طرفان ڏڪارا داستان ناهي، ماڻهن کي ٻڌائي، ماڻهن مان پيسا ڪڍيا ويندا آهن. ❁ ڪجھ منٽ جي ڪال ڪرڻ خاطر موبائل وٺندا آهن ۽ اهڙا فنڪشن استعمال ڪندا آهن جو ماڻهو جا

پيسا نڪري چڪا هوندا آهن، ۽ ان کي خبر بہ ناهي پوندي. مطلب تہ دوکو ڏيڻ جا اهڙا تہ انداز اچي ويا آهن جو چڱي ڀلي ماڻهوءَ جو دماغ خراب ڪري ان کي ڦُري هليا ويندا آهن، هو پنهنجي هٿن سان پنهنجو جمع ڪيل مال ان جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪيس خبر بہ ناهي پوندي.

اهي دوکو ڏيڻ وارا ماڻهو ربّ قهّار کان ڊڄندا ناهن، دوکي ذريعي مال ڦري ڪري خوشيون ملهائيندا آهن جڏهن تہ جنهن کي دوکو ڏنو وڃي، اُن ويچاري جي زندگي جي اُجڙي ويندي آهي، ان جا ٻار ٻچا بُک کان تڙپندا آهن، گهر جو چُلهو ناهي ٻرندو، ايستائين جو دوکو کائڻ وارن جي خودڪشين جا واقعا بہ موجود آهن.

الله پاڪ انهن دوکو ڏيڻ وارن کي هدايت نصيب فرمائي. مسلمان کي دوکو ڏيڻ سخت گناهہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.
حديث شريف ۾ آهي: 3 شخص جنّت ۾ داخل نہ ٿيندا، انهن مان هڪ دوکيباز بہ آهي. (ترمذی،کتاب البر و الصلة ،باب ما جاء فی البخل،صفحہ:479 ،حديث:1963ملتقطًا۔)

## ٽئي قتل ٿي ويا.

اي عاشقانِ رسول! هيءَ دنيا جي دولت عام طور تي جنهن جي لالچ ۾ اچي ڪري دوکو ڏنو ويندو آهي، ياد رکو! هيءَ دولت بي وفا آهي، ان جي لالچ انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي. احياءُ العلوم جي شرح ۾ اِهو واقعو لکيل آهي تہ هڪ ڀيري هڪ شخص کي ڪٿان کان سُون هٿ آيو، اُهو ان کي چادر ۾ ويڙهي ڪري اڪيلو ئي گهر جي طرف روانو ٿيو. رستي ۾ ان کي 2 شخص مليا، انهن جڏهن ڏٺو تہ هن وٽ سون آهي تہ ان کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا تہ جيئن سون کسي وٺون . ان شخص جان بچائڻ

خاطر چيو: توهان مون کي قتل چوتا ڪيو اسان هن سون جا 3 حصا ڪري ونون ٿا ۽ هڪ هڪ حصو ورهائي ٿا ونون. اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو بهتر آهي اسان مان هڪ ماڻهو ٿوررو سون ڪٽي ڪري ويجهو شهر مان کاڌو خريد ڪري اچي ته جيئن کائي، پي ڪري سون تقسيم ڪري ونون. جيئن ته انهن مان هڪ ماڻهو شهر پهتو، کاڌو خريد ڪري واپس ٿيڻ لڳو ته ان سوچو، بهتر اهو آهي ته کاڌي ۾ زهر ملائي ٿو ڇڏيان ته جيئن اهي ٻئي کائي مري وڃن ۽ سڄو سون مان ئي ڦبائي ونان. اهو سوچي ڪري ان زهر خريد ڪري کاڌي ۾ ملائي ڇڏيو، هوڏانهن هنن ٻنهي هيءَ سازش ڪئي ته جيئن ئي هو کاڌو وٺي ايندو ته اسان ٻئي ملي ڪري ان کي ماري ڇڏينداسين ۽ پوءِ سڄو سون اڌو اڌ ڪري ورهائي ونداسين جيئن ئي جڏهن اهو شخص کاڌو وٺي آيو ته انهن ٻنهي هن کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ٻئي خوشيءَ خوشيءَ سان کاڌو کائڻ لڳا ته زهر پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ هي ٻئي لالچي به تڙپي تڙپي ڪري مري ويا ۽ سون جيئن جو تيئن ئي پيو رهيو.

(اِتحافُ السَّا دَةِ المُتّقِين،کتاب ذم البخل ،بیان ذم الغنی و مدح الفقر،جلد:9،صفحہ:836بتغیر قلیل ۔)

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه نصيحت جا مدني گُل ڏيندي فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| مال و دولت کے عاشِقوں کی ہر | آرزو ناتمام ہوتی ہے[1] |

وضاحت: يعني دنيا جو حريص ۽ لالچي شخص هميشه پنهنجي نفساني خواهشن جي پُنيان هلندو رهندو آهي ايستائين جو مرڻ گهڙيءَ تائين ان جي خواهش پوري ناهي ٿيندي پوءِ اهو پنهنجي دل ۾ خواهشن جو باغ سجائي قبر ۾ لهي ويندو آهي.

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:495۔

الله پاڪ اسان کي مال جي حِرص کان بہ بچائي ۽ لالچ ۾ اچي ڪري مسلمانن کي دوکو ڏيڻ کان بہ هروقت بچائي رکي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

## (4) غير جنس کان مشاهبت ڪرڻ وارو اسان مان ناهي

پياري آقاء مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَيۡس مِنَّا مَنۡ تَشَبَّه بِالرِّجَال مِنَ النِّسَاءِ وَ لَا مَنۡ تَشَبَّهَ بِالنِّسَاءِ مِنَ الرِّجَالِ يعني جيڪا عورت مردن جي ۽ جيڪو مرد عورتن جي مشابهت اختيار ڪري اهو اسان مان نہ آهي.
(مسندِ امام احمد،جلد:3 ،صفحہ:634 ،حديث:7054۔)

موجوده دور جو اهو بہ هڪ وبال آهي تہ مردن کي عورتن جهڙو ۽ عورتن کي مردن جهڙو حليو بڻائڻ جو هرويرو شيطاني شوق سُوار هوندو آهي، ❁ ڪنن ۾ واليون پائڻ، ❁ هٿن ۾ ڪڙا پائڻ. ❁ ڪلهن کان هيٺ تائين وڏا وڏا وار رکڻ. ❁ چوٽيون ٻڌڻ. ❁ زنانيون منڊيون پائڻ ❁ هٿن ۽ پيرن ۾ مينڌي لڳائڻ، هي سڀ زنانا ڪم آهن، پر جيڪي ضرورت کان وڌيڪ فيشن ايبل هوندا آهن يا جن وٽ ديني معلومات جي گهڻتائي هوندي آهي، اهي مرد بہ اهڙا ڪم ڪندي نظر ايندا آهن.

انهي طرح ڪجھ نادان عورتون بہ اهڙا شوق رکنديون آهن ❁ مردن جيان ننڍا ننڍا وار رکڻ، ❁ مرداڻو لباس پائڻ. ❁ مرداڻي طرز جا جوتا پائڻ وغيره.

ياد رکو! مرد کي عورتاڻي ۽ عورت کي مرداڻي وضع اختيار ڪرڻ ناجائز ۽ گناھ آهي. فتاويٰ رضويہ شريف ۾ آهي: مرد کي عورتاڻي وضع جي ڪا ڳالھ اختيار ڪرڻ حرام آهي. رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن تي لعنت فرمائي.

(فتاويٰ رضويہ،جلد:21،صفحہ:600۔)

# 3 ماڻهو جنت کان (ابتدائي طور) محروم رهندا

**حديث پاڪ ۾ آهي:** 3 شخص ڪڏهن به جنت ۾ داخل نه ٿيندا، (1) ديُوث (2) مرداڻي عورتون ۽ (3) شراب جو عادي. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو شراب جي عادي کي ته اسان ڄاڻي ورتو، **ديّوث ڪير** آهي؟ فرمايائون: اهو شخص جيڪو هن ڳالھ جي پرواھ نه ڪري ته سندن گهر وارن وٽ ڪير ڪير اچي ٿو؟ اسان عرض ڪيو: مرداڻي عورتون ڪير آهن؟ فرمايائون: جيڪي مردن جي مشابهت اختيار ڪن ٿيون.

(مجمع الزوائد،کتاب النكاح، باب فيمن يرضى لاله بالخبث،جلد:4 ،صفحہ:427، حديث:7722)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# (5) جنهن سلام جو جواب نه ڏنو اهو اسان مان نه آهي

**آخري نبي، رسول هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو:** مَنْ اَجَابَ السَّلَامَ فَهُوَلَهُ وَمَنْ لَّمْ يُجِبِ السَّلَامَ فَلَيْسَ مِنَّا يعني جنهن سلام جو جواب ڏنو، ثواب ماڻيندو ۽ جنهن سلام جو جواب نه ڏنو اهو اسان مان نه آهي.

(مجمع الزوائد،کتاب النكاح، باب فيمن يرضى لاله بالخبث،جلد:4 ،صفحہ:427، حديث:7722)

# سلام جو جواب اسلامي حق آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو مسلمان سلام ڪري ته ان جو جواب ڏيڻ

اسلامي حق آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم فرمائي ٿو:

وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَاۤ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ حَسِیْبًا ﴿۸۶﴾

ترجموڪنزالعرفان: جڏهن توهان کي ڪنهن لفظ سان سلام ڪيو وڃي ته توهان ان کان بهتر لفظ سان جواب ڏيو يا اهي ئي لفظ چئي ڇڏيو. بيشڪ الله هر شيءِ تي حساب وٺڻ وارو آهي. (پاره:5، النساء:86)

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيتِ جي حوالي سان آهي: سلام ڪرڻ سُنت آهي ۽ جواب ڏيڻ فرض ۽ جواب ۾ افضل اِهو آهي ته سلام ڪرڻ واري جي سلام تي ڪجهه وڌائي مثلاً پهريون شخص اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چئي ته ٻيو شخص وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ چئي ۽ جيڪڏهن پهرين وَرَحْمَةُ اللهِ به چيو ته هُو وَبَرَكَاتُهٗ وڌيڪ وڌائي. هن کان وڌيڪ سلام و جواب ۾ ٻيو ڪو اضافو ناهي.

(تفسير صراط الجنان،پاره:5 ،النساء،زيرِ آيت:86 ،جلد:2،صفحه:264۔)

## 100 مان 90 رحمتون ڪنهن کي ملنديون؟

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جڏهن 2 مسلمان ملاقات ڪندا آهن انهن مان هڪ پنهنجي ساٿيءَ کي سلام ڪندو آهي ته انهن مان الله پاڪ جي ويجهو وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي ساٿيءَ سان خوش دلي سان ملاقات ڪندو آهي، پوءِ جڏهن اهي هٿ ملائيندا آهن ته انهن تي 100 رحمتون نازل ٿينديون آهن انهن مان 90 رحمتون (سلام ۾) اڳرائي ڪرڻ واري جي لاءِ ۽ 10 هٿ ملائڻ واري جي لاءِ آهن.(1)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جڏهن 2 مسلمان ملاقات جي وقت پاڻ ۾ هٿ

1 مسندِ بزّار، جلد:1، صفحه:437،حديث:308۔

ملائيندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ئي سندن مغفرت ٿي ويندي آهي. .. ترمذی،کتاب الاستئذان والآداب،باب ماجاء فی المصافحۃ،صفحہ:641،حدیث:2727۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6): پاڙي واري جو حق ضايع ڪرڻ وارو اسان مان ناهي

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: فَمَنْ ضَيَّعَ حَقَّ جَارِهٖ فَلَيْسَ مِنَّا يعني جيڪو پاڙي واري *(Neighbour)* جو حق ضايع ڪري اهو اسان مان ناهي. (بغیۃ الباحث عن زوائد مسند الحارث ،کتاب الصلاۃ،باب فی خطبۃ ...الخ،جز:1 ،صفحہ:312 ،حدیث:205۔)

## ڪامل ايمان جي لاءِ ضروري عَمل

اي عاشقانِ رسول! اسلام ۾ پاڙي واري کي تمام گهڻي اهميت *(Importance)* ڏني وئي آهي، ايستائين جو اهي اعمال جن جي ذريعي اسان جو ايمان ڪامل ٿيندو آهي، انهن مان پاڙي واري سان حُسنِ سلوڪ يعني سُٺي سلوڪ کي بہ شامل ڪيو ويو آهي يعني اسان ان وقت تائين ڪامل مومن نہ ٿا ٿي سگهون جيستائين پاڙي واري جا حق ادا نہ ڪيون. حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ لَا يَأْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ اهو ٻانهو (ڪامل) مومن ناهي جنهن جو پاڙي وارو ان جي شَرَ کان محفوظ نہ هجي. .مسندِ بزّار، جلد:16، صفحہ:215، حدیث:9362۔

## پاڙي واري کي ايذاء ڏيڻ واري عبادت گذار عورت

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ نقل فرمائي تہ هڪ ڀيري الله پاڪ جي

پياري ۽ آخري نبي، مکي مدني صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! فُلاڻي عورت سڄي رات عبادت ڪندي آهي، ڏينهن جو روزو رکندي آهي، تمام گهڻي نيڪ آهي، صدقو ۽ خيرات بہ تمام گهڻو ڪندي آهي پر اها پنهنجي زبان سان پاڙي وارن کي تڪليف ڏيندي آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: لَاخَيۡرَ فِيۡهَا ان ۾ ڪا ڀلائي ناهي هِيَ مِنۡ اَهۡلِ النَّارِ اها جهنّمين مان آهي. صحابہءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان هڪ (ٻيءَ عورت جو ذڪر ڪندي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ!) فُلاڻي عورت فرض نماز پڙهندي آهي، پنير *(Cheese)* صدقو ڪندي آهي ۽ ڪنهن کي بہ تڪليف ناهي ڏيندي. ارشاد فرمايائون: هِيَ مِنۡ اَهۡلِ الۡجَنَّةِ اها جنّتي عورت آهي.

(الادب المفرد، باب لا يؤذی جاره،صفحہ:48، حديث:119۔)

اي عاشقانِ رسول! اڄ هن حديثِ پاڪ تي بار بار غور ڪرڻ جي حاجت آهي...! ٿورو سوچيو تہ سهي! جيڪو پنهنجي پاڙي واري کي تڪليف پهچائيندو آهي، اهو ڪيتري قدر نقصان ۾ آهي پر افسوس! اسان وٽ هن ڳالهہ جو خيال ئي ناهي ڪيو ويندو ❁ ماڻهو پنهنجي گهر جو ڪچرو *(Garbage)* ڪٺي ڪري پاڙي واري جي دروازي اڳيان رکي ڇڏيندا آهن ❁ گهر ۾ هر وقت شور شرابو مچائيندا آهن ❁ دانهون ڪندا آهن ۽ هن ڳالهہ جي بلڪل پرواهہ ئي ناهن ڪندا تہ اسان جي شور سان پاڙي واري کي تڪليف پهچي سگهي ٿي
❁ شل نہ ڪنهن جي گهر ۾ شادي *(Marriage)* هجي، پوءِ تہ جڻ پاڙي وارن جي ننڊ ئي حرام ٿي ويندي آهي، هڪ تہ ڳائڻ وڄائڻ جو گناهہ مٿي وڏا وڏا لائوڊ رکي ڪري وڏي آواز سان هلائيندا آهن، ڪنهن کي تڪليف پهچي، ڪنهن جي ننڊ خراب ٿئي، ڪو ويچارو بيمار هجي، ان کي تڪليف هجي، ننڍن ٻارن جي ننڊ ڦِٽي وڃي، انهن کي ان جي ڪا پرواهہ ناهي هوندي❁ ڪجهہ ماڻهو رات جو گهر ۾ شور

ڪرڻ لڳندا آهن، جيتوڻيڪ هي گناهه نه هجي پر رات جي وقت پنهنجي گهر ۾ به اهڙا ڪم ڪرڻ سان پاڙي وارن جي ننڊ ۾ خلل اچي سگهي ٿو. تنهنڪري اهڙا ڪم ڏينهن جو ڪيا وڃن ته جيئن پاڙي وارن کي تڪليف نه ٿئي.

پڑوسی کو بھائی! نہ ہرگز ستانا | وگرنہ جہنّم بنے گا ٹھکانا

## پاڙي واري جي ٻڪريءَ کي به تڪليف نه ڏيو...!

اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِّ سلمه رَضِیَ اللّٰه عَنۡها فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن پاڙي واري جي ٻڪري اسان جي گهر ۾ گِهڙي وئي ۽ ان ماني وات ۾ ڪٽي ورتي، جيئن ته مان ٻڪري ڏانهن وڌيس ۽ مون ٻڪري جي وات مان ماني گسي ورتي. (پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِه وَسَلَّمَ جن مونکي ائين ڪندي ڏسي ورتو ۽) فرمايائون: (اي اُمِّ سلمه!) ٻڪري کي تڪليف ڏيڻ توکي بچائي نه سگهندو ڇوته اهو به پاڙي واري کي تڪليف ڏيڻ کان گهٽ ناهي.

(مكارم الاخلاق للطبرانی،باب قوله :لا قليل من اذى الجار،جزء الثانی، صفحه:395، حديث:239۔)

## قيامت جي ڏينهن جو پهريون حساب

حضرت عُقبه بن عامر رَضِیَ اللّٰه عَنۡه کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِه وَسَلَّمَ فرمايو: قيامت جي ڏينهن پهريون (حساب و ڪتاب) جهيڙو ڪرڻ وارن 2 پاڙيسرين جي وچ ۾ ٿيندو. معجم الكبير، جلد:7، صفحه:148، حديث:14252۔

يعني قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان پاڙي وارن جي تڪرارن جو فيصلو ڪيو ويندو پوءِ ٻين جا. خيال رهي! عبادتن ۾ پهريان حساب نماز جو ٿيندو، معاملن ۾ پهريان حساب ناحق قتل جو ٿيندو ۽ حقوق جي ادائيگي جي معاملي

۾ پهريان حساب پاڙي وارن جو ٽيندو. مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:583ملتقطاً۔

پڑوسی کو بھائی! نہ ہر گز ستانا | وگرنہ جہنّم بنے گا ٹھکانا

## اميرِ اهلسنّت ۽ ناراض پاڙي وارو

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! پاڙي وارن جو معاملو ڪيڏو اهم آهي جو قيامت جي ڏينهن پاڙي وارن جي جهيڙي جو حساب سڀ کان پهريان ورتو ويندو. اسان کي گهرجي ته دنيا مان وڃڻ کان پهريان هتي ئي پاڙي وارن سان جهيڳڙي (Fight) وغيره جا معاملات حل (Solve) ڪري وٺون، الله نه ڪري جيڪڏهن اسان جو ڪو پاڙي وارو اسان کان ناراض هجي، ان ۾ چاهي اسان جي غلطي هجي يا نه هجي، بهرحال ان کي راضي ڪري وٺو. انهيءَ ۾ عافيت آهي.

هڪ ڀيري اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو هڪ پاڙي وارو ڪائنس ناراض ٿي ويو، سندن ڪا غلطي به نه هئي، بس ان کي ڪجهه غلط فهمي (Misunderstanding) ٿي وئي هئي. ان امير اهل سنت خلاف (Against) گهڻو ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهايو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جنهن مسجد جا امام هئا، اتي وڃي ڪري نمازين جي سامهون به شور ڪيائين پر قربان وڃو! اميرِ اهل سنّت جي حڪمتِ عملي تي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪا انتقامي ڪاروائي نه ڪئي، هڪ ڏينهن اهو ناراض پاڙيسري ڪين پاڙي جي ڪجهه ماڻهن سان گڏ بيٺي ملي ويو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جلدي مان اڳتي وڌي ڪري ان کي سلام ڪيو. پر هُو گهڻو ناراض هو، تنهنڪري اُن منهن ڦيري ڇڏيو. ان تي اميرِ اهل سنّت جذبات ۾ نه آيا بلڪ اڳتي وڌي ڪري ان کي سيني سان لڳائي ڪري، سندن نالو وٺي ڪري محبت واري لهجي ۾ چيو: تمام گهڻو ناراض آهين. بس نرمي وارا هي الفاظ چوڻ جي ئي دير هئي، ان جي ڪاوڙ ختم ٿي وئي. بي اختيار ان جي

زبان مان نڪتو: نہ ياءَ نہ! الياس ياءَ ڪا ناراضگي ناهي! پوءِ اهو پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ سندن خيرخواهي بہ ڪئي.

(تعارفِ امیرِ اہلسنت،صفحہ:41 و 42 خلاصۃً۔)

ہے فَلاح وکامرانی نرمی و آسانی میں
ہر بناکام بِگڑ جاتا ہے نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طُغیانی میں
جس کی کشتی ہو مُحَمَّد کی نگہبانی میں

## پاڙي وارن جي ڪجھ حقن جو بيان

اي عاشقانِ رسول! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پاڙي واري جو حق ضايع ڪرڻ واري کان بيزاري جو اظهار ڪيو ۽ فرمايائون: جيڪو پاڙي واري جو حق ضايع ڪري، اهو اسان مان ناهي. هتان کان پاڙي وارن جا حق ***(Rights of Neighbour)*** ڄاڻڻ جي اهميت بہ خبر پئي ٿي، ظاهر آهي اسان کي پاڙي وارن جي حقن جي خبر هوندي، تڏهن ئي سندن حقن کي پورو ڪري سگهنداسين. اچو! پاڙي وارن جا ڪجھ حقوق ٻڌون ٿا: پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: خبر اٿوَ پاڙي واري جو حق ڇا آهي؟ پوءِ فرمايائون: ❁ جيڪڏهن هو توهان کان مدد گهري تہ ان جي مدد ڪريو ❁ جيڪڏهن توهان کان قرض گهري تہ ان کي قرض ڏيو ❁ جيڪڏهن هو محتاج هجي تہ ان جي حاجت پوري ڪريو ❁ جيڪڏهن هو بيمار ٿي وڃي تہ ان جي عيادت ڪريو ❁ جيڪڏهن هو فوت ٿي وڃي تہ ان جي جنازي ۾ شرڪت ڪريو، ❁ جيڪڏهن ان کي ڪا ڀلائي پهچي تہ مبارڪ باد ڏيو ❁ جيڪڏهن ان کي ڪا مصيبت پهچي تہ تعزيت ڪريو، ❁ ان جي اجازت کان بغير سندس گهر کان اوچو گهر نہ نهرايو جو ان کي هوا نہ پهچي سگهي ❁ پاڙي واري کي تڪليف نہ ڏيو

❁ جيڪڏهن توهان ڪو ميوو خريد ڪري آڻيو ته ان مان پاڙي واري کي به ڪجهه موڪليو ❁ جيڪڏهن ائين نه ڪري سگهو ته لِڪائي ڪري ڪڻي وڃو ۽ پنهنجي ٻارن کي به اهو ميوو گهران ٻاهر کڻي وڃڻ نه ڏيو جو پاڙي وارن جا ٻار ان کي ڏسي غمگين ٿيندا ❁ ۽ پنهنجي ديڳڙيءَ جي خوشبوءَ سان به پاڙي واري کي تڪليف نه پچايو پر هي جو ڪجهه پاڇي ان کي به موڪليو. ايترو فرمائڻ کان پوءِ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَتَدۡرُوۡنَ مَا حَقُّ الۡجَارِوَالَّذِیۡ نَفۡسِیۡ بِیَدِہٖ مَا یَبۡلُغُ حَقَّ الۡجَارِ اِلَّا قَلِیۡلاً مِّمَّن رَّحِمَ اللهُ يعني خبر اٿوَ پاڙي واري جو حق ڇا آهي؟ ان ذات جو قسم جنهن جي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! پاڙي واري جو حق صرف اهو ئي ادا ڪري سگهي ٿو جنهن تي الله پاڪ رحم فرمائي.

(شُعَبُ الايمان،باب فی اکرام الجار، جلد:7، صفحه:83، حديث:9560۔)

الله پاڪ اسان سڀني کي پاڙي وارن، رشتيدارن *(Relatives)*، ماءُ پيءُ *(Parents)*، ڀاءُ ڀيڻ وغيره جا حق ادا ڪرڻ، انهن جو خيال رکڻ ۽ انهن سان حُسنِ سلوڪ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (7) نماز ۾ ڪانوَ وانگر ٺونگا هڻڻ وارو اسان مان ناهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: لَیۡسَ مِنَّا مَنۡ یَنۡقُرُ نَقۡرَالۡغُرَابِ يعني جيڪو ڪانوَ وانگر ٺونگا هڻي، اهو اسان مان ناهي.

جامع الاصول للجزری،حرف الصاد،جلد:4،صفحه:133،حديث:3497۔

هن حديثِ پاڪ جو مطلب هيءُ آهي ته نماز ۾ سجدو ڪندي وقت جيڪو ٻانهو ايتري جلدي ڪري جو مٿو سجدي ۾ رکي ۽ فوراً کڻي وٺي، اهو ائين آهي جيئن ڪانوُ ٺونگا هڻندو آهي، اهڙي شخص بابت فرمايائون: لَیۡسَ مِنَّا يعني اهو اسان مان ناهي.

الله الله! اڄڪلهه ديني معاملن ۾ ماڻهو تمام گهڻي جلد بازي ڪرڻ لڳا آهن، سوشل ميڊيا تي، موبائل تي، فضوليات ۾، دوستن سان ڪچهرين *(Chatting)* ۾ جيتوڻيڪ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري وڃن. ڪا پرواهه ناهي هوندي پر جيڪڏهن نماز جي لاءِ بيهي رهون ته ڪيترائي ڪم ياد اچي ويندا آهن، پوءِ ڪوشش هوندي آهي ته جلدي جلدي نماز مڪمل ڪري ٻيا ڪم پورا ڪيا وڃن. ڪجهه ماڻهن کي ته ڪمن جي جلدي هوندي آهي ۽ ڪجهه ماڻهن جي هوئڻ ئي عادت هوندي آهي جو نماز ۾ رڪوع ۽ سجدا پورا ناهن ڪندا، الله اڪبر چئي ڪري رڪوع ۾ ويا، فوراً ئي مٿو کڻي ورتائون، اڃان سڌو ئي نه بيٺا هئا ته الله اڪبر چئي ڪري سجدي ۾ هليا ويا، سجدي ۾ پوري طرح پهتا به نه هئا ته الله اڪبر چيو ۽ اٿي ويا، سڌو ويٺا به نه هئا ته ٻئي سجدي ۾ هليا ويا. ياد رکو! نماز ۾ اهڙي جلد بازي غلط آهي. اسان پيدا ئي عبادت جي لاءِ ٿيا آهيون، دنيا ۾ اچڻ جو مقصد *(Purpose)* ئي عبادت آهي، پوءِ عجيب ڳالهه آهي جو ٻيا ڪم جيڪي اسان جي زندگي جو مقصد ناهن، انهن ۾ ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذاري ڇڏيون پر جڏهن اصل مقصد جو ڪم ڪرڻ لڳون ته اهڙي جلد بازي ڪيون جو پوري طريقي سان نماز ئي ادا نه ٿي سگهي. اهڙن ماڻهن کي پنهنجي نمازن جو فڪر ڪرڻ گهرجي.

## نماز جو چور

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: ماڻهن ۾ سڀ کان بَدتَر چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري ٿو. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان عَرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪو شخص پنهنجي نماز ۾ ڪهڙي طرح چوري ڪري سگهي ٿو؟ ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: هو ان جا رُڪوع ۽ سجدا پورا نٿو ڪري، يا اِرشاد فرمايائون: اهو

رڪوع ۽ سجدن ۾ پنهنجي پٺي سڌي نٿو ڪري.

(مسندِ امام احمد،جلد:9 ،صفحہ:311 ،حديث:23284۔)

حڪيمُ الاُمت مُفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: خبر پئي ته مال جي چور کان نماز جو چور وڌيڪ بُرو آهي ڇوته مال جو چور جيڪڏهن سزا ڀوڳيندو به آهي ته (چوري جي مال مان) ڪجهه نه ڪجهه نفعو به ڪٽي وٺندو آهي پر نماز جو چور سزا پوري ڀوڳڻ سان گڏوگڏ ان جي لاءِ نفعي جي به ڪا صورت ناهي. مال جو چور ٻانهي جو حق ماريندو آهي جڏهن ته نماز جو چور الله پاڪ جو حق (ماريندو آهي). هي حالت انهن جي آهي جيڪي نماز کي اڌورو پڙهندا آهن، هن مان اهي ماڻهو عبرت جو سبق حاصل ڪن جيڪي نماز پڙهندا ئي ناهن. مرآة المناجيح،جلد:2 ،صفحہ:78 بتغير قليل۔

## بُري خاتمي جي وعيد

حضرت حُذيفه بن يمان رَضِیَ اللّٰه عَنۡه هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو نماز پڙهندي رڪوع ۽ سجود پورا ادا نه ڪري رهيو هو ته ان کي فرمايائون: تو نماز ناهي پڙهي ۽ جيڪڏهن تون انهيءَ حالت ۾ مري وئين ته حضرت محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طريقي تي تنهنجو موت واقع نه ٿيندو. (بخارى،كتاب الاذان ،باب اذا لم يتم السجود،صفحہ:257،حديث:808 ملتقطًا۔) نسائي شريف جي روايت ۾ هي به آهي ته پاڻ رَضِیَ اللّٰه عَنۡه اهو به پڇيو: تون ڪڏهن کان هن طرح نماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو: 40 سالن کان. تنهن تي پاڻ رَضِیَ اللّٰه عَنۡه ان کي ارشاد فرمايو: تو 40 سالن کان نماز ئي ناهي پڙهي ۽ جيڪڏهن هن حالت ۾ توکي موت اچي ويو ته تون دينِ محمدي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي نه مرندين. نسائی،كتاب السهو،باب تطفيف الصلاة،صفحہ:225،حديث:1309ملتقطًا۔

الله پاڪ اسان کي جلد بازي کان بچڻ، خوب اطمينان سان، خشوع و خضوع

سان، الله پاڪ جي ياد ۾ گُم ٿي ڪري نماز پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

نمازوں میں ایسا گما یا الٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز دين جو سُتون آهي، اڄڪلھ نمازن ۾ سُستي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، گڏوگڏ هڪ اِهو بہ مسئلو آهي تہ ڪيئي ماڻهو نماز جي بنيادي مسئلن کان بہ ناواقف هوندا آهن، جنهن جي ڪري نمازن ۾ ڪوڙ غلطيون ٿي رهيون هونديون آهن. اسان کي 5 وقت جو پڪو نمازي بہ ٿيڻو آهي ۽ نماز سکڻي بہ آهي. ان جي لاءِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو ڪتاب نماز جا احڪام، اسلامي ڀينرن جي نماز، فيضانِ نماز پڙهي وٺندا! بلڪ بهتر هي آهي تہ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ۽ ان کان علاوه ڪيئي شارٽ ڪورسز آن لائن بہ ڪرايا ويندا آهن، جيڪڏهن توهان فزيڪلي ڪورس ۾ شرڪت نٿا ڪري سگهو تہ آن لائن ڪورس ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو، نماز ۾ ٿيڻ وارين ڪوڙ سارين غلطين جي اصلاح ٿيندي ۽ علمِ دين سکڻ جو ثواب بہ نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ رسول کي راضي ڪرڻ سڀ کان اهم ڪم آهي. اسان هي ڪجھ حديثون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، جن ۾ فرمايو ويو تہ

❁ جيڪو خوش الحاني سان تلاوت ناهي ڪندو اهو اسان مان ناهي
❁ جيڪو سنّت کان بي رغبتي رکندو آهي، اهو اسان مان ناهي
❁ جيڪو مسلمانن کي دوکو ڏيندو آهي، اهو اسان مان ناهي ❁ مرد جيڪو

عورتن جي مشابهت اختيار ڪندو آهي ۽ عورت جيڪا مردن جي مشابهت اختيار ڪندي آهي، اهي اسان مان ناهن ❁ جيڪو پاڙي واري جا حق ضايع ڪندو آهي، اهو اسان مان ناهي ❁ جيڪو نماز ۾ ڪانوَ وانگر ٺونگا هڻي (يعني رڪوع ۽ سجدا پورا نہ ڪري) اهو اسان مان ناهي. يعني جيڪو ٻانهو اهڙا ڪم ڪندو آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان بيزار آهن.

الامان والحفيظ! الله پاڪ اسان کي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضگي کان محفوظ فرمائي. ڪاش! اسان هميشہ الله ۽ رسول جي رضا وارن ڪمن ۾ ئي مصروف رهڻ وارا بڻجي وڃون.

مری زندگی بس تری بندگی میں
ہی اے کاش گزرے سدا یا اِلٰہی

نہ ہوں اشک بربادِ دُنیا کے غم میں
مُحَمَّد کے غم میں رُلا یا اِلٰہی

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙا وڏيڪ ڪم جن کان رسولِ اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن بيزاري جو اظهار فرمايو آهي، انهن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو رسالو اهو اسان مان ناهي پڙهي وٺندا!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!          صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن بنائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم !دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.. 12 ديني ڪمن

مان هڪ ديني ڪم: **فجر جي لاءِ جاڳائڻ** به آهي. ❁ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنت مصطفيٰ آهي. ❁ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي لاءِ ويندي سُتل کي جاڳائيندا هئا. (ابو داؤد، کتاب الصلاة، باب الاضطجاع، صفحه:208، حديث:1264۔)

❁ مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد ۾ تشريف وٺي ويندا هئا. (مشكاة المصابيح، کتاب الصلاة، باب التحريض على قيام الليل، جلد:1، صفحه:244، حديث:1240۔) مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن پياري پياري سُنت جا عامل هئا (تاريخ الخلفاء، ذِكْر علی بن ابی طالب، فصل فی مبايعة علی بالخلافة، صفحه:112۔) ❁ **اوهان به اُها سُنت اپنايو!** نمازِفجر جي لاءِ جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون ❁ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو. ❁ اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سيني جي نمازن جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اوهان جي اعمالنامي ۾ به لکيو ويندو ❁ صبح صبح پيادل هلڻ جو موقعو ملندو ته صحت به چڱي رهندي. ❁ هڪ اهم فائدو هي به آهي ته مسجد جي رونق وڌي ويندي، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته: اسان سردين ۾ فجر جي لاءِ جاڳائڻ شروع ڪيو ته ايترا نمازي وڌيا جو مسجد جي وراندي ۾ شاميانا لڳائڻ پئجي ويا سُبْحٰنَ الله!.

ڪا مشڪل ناهي، جماعت جي وقت کان پهريان 20، 25 منٽ پهريان اٿي وڃو! نماز فجر جي لاءِ ته وڃڻو ئي آهي، صدا لڳائيندا وڃو! مسجد به پڄي ويندا ۽ الله پاڪ جي فضل سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب به ملي ويندو. نيت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## مکي مدني گهرائي ورتو

ٺهينگ موڙ ( قصور پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، اَلحَمدُلله! مان دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ تہ هيس پر ديني ڪمن جي سلسلي ۾ سُستي جو شڪار هيس. حُسن اتفاق سان دعوت اسلامي جي هڪ اسلامي سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو، جڏهن انهن کي منهنجي ديني ڪمن ۾ عدم دلچسپي جو علم ٿيو تہ نيڪي جي دعوت ڏيندي نہ صرف ديني ڪم ڪرڻ جو ذهن ٻڌايو بلڪ پابندي سان فجر جي لاءِ ڀين کي جاڳائڻ جي ترغيب بہ ڏياري. اَلحَمدُلله! منهنجو ذهن ٻڌجي ويو، ۽ مان ماڻهن کي فجر جي لاءِ جاڳائڻ شروع ڪيو. فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي برڪت ايئن ظاهر ٿي جو قسمت جو تارو چمڪي پيو، انهي سال مون کي بارگاهِ مصطفيٰ جي حاضري جو شرف حاصل ٿي ويو.

صدائے مدینہ دِکھائے مدینہ | الٰہی دکھادے ضیائے مدینہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دارالافتاءِ اهلسنت موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! دَعوَتِ اسلامي علم دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي:(***Dar-ul-Ifta Ahlesunnat)*** (دارالافتاء اهلسنت). اها ايپلي ڪيشن ***Android*** ۽ ***IOS*** ٻنهي طرح

جي ڊيوائسز تان آساني سان ڊاؤن لوڊ ڪري سگھجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ اوھان کي معلومات ملندي: ڪيئي مذهبي ۽ معاشري سوالن جا تحريري فتواجات ❁ عقائد جي متعلق احڪام. ❁ قرآن و حديث جي متعلق احڪام، ❁وضو، غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام. ❁ نماز جي متعلق مسئلا. ❁ ميت جي متعلق مسئلا. ❁ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي ڪلپس ۽ بيانات. ❁ معاشرتي ۽ مذهبي پهلو تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز ۽ ڪتاب. ❁ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مبني سلسلا. ❁ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گھڻو ڪجھ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامِل آهي. فرض علوم سکڻ، روزمَرّه مسئلن جو شرعي حل ڄاڻڻ جي لاءِ اها ايپلي ڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو، پاڻ بہ هن مان فائدو ڪڻو ۽ ٻين تائين بہ پهچايو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهه نُبُوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا!
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1… مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

# هٿ ملائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته الله پاڪ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوانوي (99) رحمتون وڌيڪ گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هٿ ملائڻ کي عربي ۾ مُصَافحو ۽ انگلش ۾ ***Handshake*** چئبو آهي * ٻن مسلمانن جو مُلاقات مهل ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ مِلائڻ سُنَّت آهي * هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪيو * موڪلائڻ مهل به سلام ڪيو ۽ (گڏوگڏ) هٿ به مِلائي سگهو ٿا * هٿ ملائڻ وقت درود شريف به پڙهو، ٿي سگهي ته هي دعا به پڙهو: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) * ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني پري ٿيندي آهي * مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جو ديدار ڪرڻ سان به ثواب ملي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي : جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهه سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ دشمني نه هجي ته نگاهه موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳوڻا گناهه معاف ڪيا ويندا. * جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هٿ ملائي سگهو ٿا * اڄڪلهه ڪجهه ماڻهو ٻنهي طرف کان هڪ هٿ مِلائن ٿا بلڪ صرف آڱريون ئي پاڻ ۾ ٽڪرائن ٿا اهو سڀ خلافِ سنت آهي * هٿ ملائڻ کان

پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهه آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن بُزُرگ کان هٿ ملائڻ کان پوءِ بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ چمي ورتو تہ ڪراهت ناهي * مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي تِريون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.

(550سنتيں اور آداب، صفحہ:32-34۔ )

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو [1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

[1] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:669ملتقطًا۔